# آبي مسئلن جي حل جي ڳولا: موقعا ۽ امڪان (قسط نمبر 26)

ظفر محمود
چيئرمين واپڊا

گزريل 25 قسطن ۾ پاڻي جي انتظام ۽ بندوبست جي حوالي کان انهن سمورن مسئلن جو احاطو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي جيڪو اسان جي موجوده نسل کي درپيش آهن ۽ جنهن کي اسان جي ايندڙ نسل کي به منهن ڏيڻو پوندو. انهي دوران ڄاڻ ۾ آيو ۽ عالمي تجربا به انهي ڳالهه جا شاهد آهن ته آبي مسئلن جو حل سياسي اڳواڻي جي وسيلي ئي ممڪن آهي. پاڪستان جهڙي ملڪ ۾ ماڻهو آبي مسئلن جي باري ۾ تمام گهڻا جذباتي ٿي ويندا آهن انهي ڪري اهي گمڀير صورت اختيار ڪري چڪا آهن ۽ انهن مسئلن کي منهن ڏيڻ تمام گهڻو مشڪل آهي. اسان جي وفاقي نظام ۾ پاڻي جا معاملا صوبائي اختيار جي دائري ۾ شامل آهن ۽ انهي سبب اسان کي سڀني صوبن لاءِ هڪجهڙي جوڙجڪ (لائحه عمل) جي ضرورت آهي. هڪجهڙي جوڙ جڪ نمايان ڪرڻ جو جواز انهي لاءِ به آهي ته اسان وٽ دريائي پاڻي جي دستيابي جي حوالي کان هڪ مخصوص صورت آهي. پاڪستان ۾ صرف هڪ ئي وڏو دريا ۽ هن جو طاس آهي، جيڪو وفاق جي سمورن ايڪن لاءِ پاڻي جو وڏو وسيلو آهي. اڄ ڏينهن تائين اسين آبي مسئلن جي حل جي لاءِ ڪنهن به جوڙ جڪ جي تشڪيل ڏانهن پيش رفت ڪونه ڪري سگهيا آهيون ۽ انهي جو سبب ڪالاباغ ڊيم منصوبي تي اسان جي گڏيل رضامندي جو نه هجڻ (فقدان) آهي. انهي لحاظ کان ڪالاباغ ڊيم منصوبي تي اتفاق راءِ کي حاصل ڪرڻ اسان جي پهرين ۽ جلد ضرورت آهي ڇو جو هن مسئلي جي حل جي ڪري اسين انهي قابل ٿي سگهندا سين ته پنهنجن پين جي پيٽ ۾ وڏيڪ اهم آبي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ به ڪنهن معاهدي تائين پهچي سگهون.

انهي مقصد کي سامهون رکندي مضمونن جي هن سلسلي ۾ ايمانداري سان انهي ڳالهه جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ته ڪالاباغ ڊيم جي باري ۾ گزريل 25 سالن کان جيڪي غلط تصور ۽ وهم آهن، انهن کي پري ڪرڻ گهرجي. انهي ڪري انهي ڳالهه جي اميد ڪري سگهجي ٿي ته ميڊيا جي مدد سان حقيقتن تي ٻڌل معلومات انهي باري ۾ بهتر ذهني هم آهنگي جو سبب ثابت ٿيندي. ۽ ڪالاباغ ڊيم جي تعمير سان ڪنهن معاهدي سان گڏو گڏ اسين پنهنجن حقيقي آبي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ به ڪوشش ڪري سگهون ٿا. مٿي ذڪر ڪيل مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪجهه تجويزون هيٺ ڏنل آهن:

1 گڏيل مفادن جي ڪائونسل جي آئيني انتظام جي تحت وڏن وزيرن تي مشتمل ڪاميٽي ملڪ کي درپيش آبي مسئلن جو جائزو وٺي.

2 وڏن وزيرن جي ڪاميٽي کي اها ذميداري ڏني وڃي ته اها هيٺ ڏنل مسئلن جو حل ڳولي.

(الف) پاڪستان ۾ ماحولياتي تبديلي جو گهرائي سان جائزو وٺي سنڌ طاس ۾ پاڻي جي وهڪري تي هن جي اثرن جو جائزو وٺڻ لاءِ هڪ ڊگهي وقت لاءِ جوڙجڪ جي تشڪيل.

(ب) پاڻي جي قيمت جو ڪاٿو لڳايو وڃي ۽ آهستي آهستي واڌارو ڪندي انهي کي حقيقي سطح تي آڻڻ.

(ج) زمين مان پاڻي حاصل ڪرڻ لاءِ قائدا ۽ ضابطا نمايان ڪرڻ.

(د) صنعتي، زرعي ۽ شهري استعمال جي سبب پاڻي کي آلودگي کان بچائڻ لاءِ جوڙ جڪ.

(ر) آبادي جي شرح ۾ واڌاري جي سبب پاڻي جي دستيابي ۽ معيار تي خراب اثرن جو جائزو ۽ انهي جي بچاءُ لاءِ اقدام کڻڻ.

وڏن وزيرن جي تجويز ڪيل ڪاميٽي، انهن مقصدن لاءِ ماهرن جون خدمتون حاصل ڪري سگهي ٿي جيڪا انهن کي لاڳاپيل معلومات ۽ انگ اکر مهيا ڪرڻ سان گڏ، پاڻي جي انتظام ۽ بندوبست جي باري ۾ عالمي سطح تي لاڳو ٿيل طريقيڪار جي باري ۾ آگاهه ڪن ۽ قانوني ڍانچي جي تحت عملدرآمد جو نظام نمايان ڪرڻ ۾ ڪاميٽي جي حمايت ڪن.

جيستائين ڪالاباغ ڊيم جو مسئلو حل ڪرڻ جو تعلق آهي، ته اهو معاملو هن منصوبي جي باري ۾ اقتصادي ۽ ٽيڪنيڪي حقيقتن جي جاءِ تي مخصوص علائقن ۾ عام تصورن ۽ وسوسن جي چوڌاري ڦرندي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جيڪڏهن ائين نه هجي ها ته اسين هن ڳالهه جي کهڙي ريت وضاحت ڪري سگهون ٿا ته ديامر ڀاشا ڊيم ڇو قابل قبول آهي ۽ ڪالاباغ ڊيم ڇو قابل قبول نه آهي؟ انهن ٻنهي ڊيمن کي تعمير ڪرڻ جا هنڌ سنڌو دريا تي واقع آهن. ديامر ڀاشا ڊيم جي تعمير جو مقام تربيلا ڊيم کان 320 ڪلوميٽر مٿئين پاسي جڏهن ڪالاباغ ڊيم جي تعمير جو تجويز ڪيل جاءِ تربيلا ڊيم کان 200 ڪلوميٽر هيٺين پاسي واقع آهي. ٻئي ڊيم پاڻي ذخيرو ڪندا. ديامر ڀاشا ڊيم ۾ قابل استعمال پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي صلاحيت 6.4 ملين ايڪڙ فٽ جڏهن ته ڪالاباغ ڊيم ۾ ساڳي صلاحيت 6.1 ملين ايڪڙ فٽ آهي. اهڙي طرح ٻنهي منصوبن کان بجلي پيدا ٿيندي. ديامر ڀاشا ڊيم 4 هزار 500 ميگاواٽ ۽ ڪالاباغ ڊيم 3 هزار 600 ميگاواٽ بجلي پيدا ڪندو. ٻنهي ڊيمن مان واهه نٿا ڪڍي سگهجن ڇو جو ٽيڪنيڪي طور تي قابل عمل نه آهي. ( ديامر ڀاشا ڊيم ۽ ڪالاباغ ڊيم جو تقابلي جائزو واپڊا جي ويب سائيٽ www.wapda.gov.pk تي ڏسي سگهجي ٿو ).

صوبن جي وچ ۾ پاڻي جي ورهاست 1991ع جي معاهدي جي مطابق ڪئي ويندي آهي ۽ انهن ٻنهي ڊيمن جو، پاڻي جي ورهاست ۾ ڪو ڪردار نه هوندو. سنڌو دريا کان صوبن جي وچ ۾ پاڻي جي ورهاست مختلف بيراجن جي وسيلي ڪئي ويندي آهي جنهن ۾ جناح، چشما، تونسه، پنجند، گڊو، سکر، ۽ ڪوٽڙي بيراج شامل آهن. مٿي ذڪر ٿيل حقيقتن جي روشني ۾ اها ڳالهه قابل فهم نه آهي ته ديامر ڀاشا ڊيم جي حمايت ۽ ڪالاباغ ڊيم جي مخالفت جو بنياد آخر ڇا آهي؟

انهي حوالي کان ممڪن طور تي هڪ وضاحت اها پيش ڪري سگهجي ٿي ته وڏو سرمايو خرچ ڪري پاڻي ذخيرو ڪرڻ لاءِ ڊيم تعمير ڪري وٺڻ کان پوءِ، فطري طور تي ان ڊيم کي اهڙن ڏينهن ۾ به ڀرڻ جو خيال اچي سگهي ٿو جڏهن دريا ۾ پاڻي جو وهڪرو گهٽ هجي. جيڪڏهن ائين ڪيو ويندو ته هيٺين علائقن ۾ پاڻي جي وهڪري ۾ گهٽتائي اچي ويندي. اهو خدشو جائز آهي. پوءِ ڪٿي ڪو ڊيم هڪ جاءِ تي تعمير ڪيو وڃي يا ڪنهن ٻي جاءِ تي، هن خدشي کي سمورن آبي ذخيرن تي هڪجهڙو ئي لاڳو ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪالاباغ ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جو فيصلو انهن علائقن لاءِ نقصان رسائيندڙ اٿرن جو سبب ڇو نٿو ٿي سگهي؟

جيڪڏهن ٻنهي ڊيمن جي وچ ۾ ڪنهن واضح فرق جي نشاندهي نٿي ٿي سگهي ته پوءِ مسئلو ڪهڙو آهي، جنهن کي بيان به نٿو ڪيو وڃي ۽ جيڪو ڪالاباغ ڊيم جي تعمير جي باري ۾ سنڌ جي هٻڪ جو ڪارڻ به آهي.

اصل مسئلو انڊس ريور اٿارٽي (ارسا) جي اندر فيصلي سازي جي عمل سان تعلق رکي ٿو، اسين سڀ ڄاڻون ٿا ته اسان جي آبي ذخيرن مان پاڻي جي اخراج جو اختيار ارسا وٽ آهي. ارسا ۾ فيصلي سازي راءِ جي ڳڻائي جي بنياد تي ڪئي ويندي آهي جڏهن ته سنڌ صوبو انهي ڏس ۾ ڪجهه حفاظتي اقدامن جو ضرورتمند آهي. هڪ هيٺين صوبي جي حيثيت کان پنهنجن مفادن جي تحفظ لاءِ سنڌ پاران مناسب اقدامن جو اهو مطالبو جائز آهي.

پڙهندڙن کي ياد هوندو ته صدر جنرل پرويز مشرف ڪالاباغ ڊيم تي اتفاق راءِ جي لاءِ نومبر 2003ع ۾ آبي وسيلن جي حوالي کان هڪ ٽيڪنيڪي ڪاميٽي قائم ڪئي. ان ڪاميٽي جا 8 رڪن هئا، چئني صوبن مان ٻه ٻه رڪن نامزد ڪيا ويا هئا جڏهن ته سائين اي اين جي عباسي کي هن ڪاميٽي جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو هو.

25 آگسٽ 2005ع تي جڏهن هن ڪاميٽي جي رپورٽ کي حتمي شڪل ڏني پئي وئي ته اها ڳالهه سامهون آئي ته ڪجهه معاملن تي چيئرمين ۽ ڪاميٽي جي رڪنن ۾ اختلاف راءِ آهي، ۽ انهي سبب ڪاميٽي اتفاق راءِ تائين پهچڻ ۾ ناڪام رهي.

سائين اي اين جي عباسي جيڪو هڪ ناليوارو ۽ قابل انجنيئر آهي. ۽ هو سنڌ ۾ مٿين سطح جي عهدن تي فائز رهيو آهي ۽ ان سان گڏو گڏ TCWR جو چيئرمين به رهيو آهي. مٿي ذڪر ڪيل رپورٽ ۾ پنهنجي راءِ سان گڏو گڏ سپني ستن رڪنن جي نقطه نظر کي به شامل ڪيو. سنڌ ۾ انهي ڳالهه تي يقين ڪيو ويندو آهي ته رپورٽ ۾ شامل سائين اي اين جي عباسي صاحب جي راءِ سنڌ صوبي جي موقف جي درست عڪاسي ڪري ٿي.

تنهنڪري مٿي ذڪر ڪيل پسمنظر ۾ انهي ڳالهه جي سفارش ڪئي ويندي آهي ته گڏيل مفادن جي ڪائونسل جي آئيني انتظام جي تحت قائم ڪئي وڃڻ واري وڏن وزيرن جي تجويز ڪيل ڪاميٽي جا ضابطا ڪار (ٽرمز آف ريفرنس) ۾ هيٺين معاملن کي به شامل ڪيو وڃي:

1 (الف) آبي وسيلن جي باري ۾ ٽيڪنيڪل ڪاميٽي جي رپورٽ ۾ شامل سائين اي اين جي عباسي جي راءِ.

(ب) سنڌ سان تعلق رکڻ وارو قابل احترام انجينئر سائين ادريس راجپوت سنڌ حڪومت ۾ سيڪريٽري آبپاشي ۽ پاور ڊپارٽمنٽ جي عهدي تي به ڪم ڪري چڪو آهي ۽ ان سان گڏ گڏ سنڌي اخبارن ۾ به پاڻي جي مسئلن بابت لکندو رهيو آهي. هڪ غير سرڪاري تنظيم پلڊاٽ جي پاران ڪيس 2011ع ۾ جوڙيل ڪاميٽي جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو. پلڊاٽ جي رپورٽ “Background Paper on Inter-Provincial Water Issues in Pakistan” ۾ شامل سائين ادريس راجپوت جي سفارشن کي به وڏن وزيرن جي تجويز ڪيل ڪاميٽي جي ضابطئه ڪار ۾ شامل ڪيو وڃي

(سائين اي اين جي عباسي جو نقطه نظر ۽ سائين ادريس راجپوت جون سفارشون واپڊا جي ويب سائيٽ www.wapda.gov.pk تي دستياب آهن).

بين ضابطه ڪار ۾ هيٺيان معاملا شامل ڪري سگهجن ٿا:

2 ڪڇي جي علائقي ۾ آب پاشي لاءِ گهربل پاڻي جو مسئلو ۽ ڪوٽڙي بيراج کان هيٺين پاسي مستقل طور تي پاڻي جي نيڪالي.

3 سنڌو دريا جي پيٽ ۾ آبي حيات جي تحفظ ۽ ماحولياتي توازن کي برقرار رکڻ.

4 خيبرپختونخوا جي حڪومت کي اها پيشڪش ته هو ڪالاباغ ڊيم جي تعمير جي سبب پشاور جي ماٿري ۾ ممڪن ٻوڏ ۽ سم ۽ ڪلر جي باري ۾ پنهنجي خدشن جي روشني ۾ تحقيقي مطالعن لاءِ پرڏيهي ماهرن تي مشتمل پينل جي چونڊ ڪري..

5 نوشهره جي مقام تي ٻوڏ کان بچڻ لاءِ مهمند ڊيم جي تعمير تمام سنو قدم ٿي سگهي ٿو. تنهنڪري ڪالاباغ ڊيم جي تعمير جو فيصلو ڪرڻ وقت مهمند ڊيم جي تعمير لاءِ مناسب فنڊ به رکيا وڃن.

6 هائيڊرو پاور جو نج منافعو: غازي بروٿا هائيڊرو پاور پراجيڪٽ جي ايڪنڪ ۾ منظوري جي وقت پنجاب جي قيادت سخاوت (فراخ دلي) جو مظاهرو ڪندي هن منصوبي تي اتفاق راءِ پيدا ڪرڻ لاءِ هائيڊرو پاور جي نج منافعي جي پنهنجي حق کان دستبرداري اختيار ڪري ورتي هئي. ڪالاباغ ڊيم جي معاملي تي به پنجاب جي قيادت هڪ حد تائين انهي سخاوت جو مظاهرو ڪري سگهي ٿي. ائين ڪري سگهجي ٿو ته ڪالاباغ ڊيم کان حاصل ٿيڻ واري هائيڊرو پاور جي نج منافعي جو استعمال گڏيل مفادن جي ڪائونسل جي صوابديد تي هجي ۽ هو انهي کي هيٺين معاملن کي انجام ڏيڻ ۾ استعمال هيٺ آڻي:

(الف) ڪالاباغ ڊيم جي آبي ذخيري جي سبب لڏ پلاڻ تي مجبور ٿيڻ وارن ماڻهن جي اقتصادي فلاح ۽ بهبود.

(ب) چشما رائيٽ بينڪ لفٽ جي تعمير کان پوءِ لفٽ ڪرڻ لاءِ گهربل بجلي جي انتظام ۽ بندوبست تي اچڻ وارا خرچ.

(ج) سنڌو دريا جي پيٽ ۾ حيوانات ۽ نباتات جي تحفظ ۽ واهن کي پڪو ڪرڻ جي منصوبن لاءِ فنڊز جي فراهمي.

توهان جي نظر جي سامهون آيل قسط، مضمونن جي هن سلسلي جي آخري ڪڙي آهي ۽ هن قسط ۾ تجويزون ذاتي حيثيت ۾ خلوص سان پيش ڪيون ويون آهن. آبي مسئلن جي حل ۾ الله سائين اسان جو مددگار ۽ رهنما هجي (آمين).

اي ميل ائڊريس: chairman@wapda.gov.pk